# چنڊَ ڏانهن سفرُ

December 11, 2007 at 10:06 am | In Education, Folklore, Sindh, Sindhi, سنڌي |



”وَلوُ! ماڻهوُن چنڊَ ڏي پيا وڃن.“

”سائين، ڪڏهن؟“

”سيان اُتي لهندئي.“

ولوُ ڳوناٺو ڇوڪرو هو. هاريءَ جو پُٽ هو. ڪڏهن سِڪوُلَ ڪونہ ويو هو. ڪراچيءَ اسان وٽ ڪمُ ڪرڻ مائٽن موڪليو هو. اسان جي گهر ۾ سدائين ڳالهہ ٿيندي هُئي تہ ڪنهن سِڪوُل ۾ موڪِلجيسِ. اٽڪل ڏهن ورهين جو هوُندو. سمجهو تہ تڏهن مان جيڏي عمرِ هوُندسِ. ڪيس ڪا پروڙَ ڪانہ هئي تہ ڄمُ ڏينهن ڪهڙو، يا عمر گهٽي هوندي. ڪراچي ۾ پاڙي ۾ سرڪاري سِڪولُ اڙدوُءَ ۾ هيو (تڏهن خانگي سِڪوُلَ مهانگا ۽ تِن ۾ داخلا ڏُکي). ولوُءَ کي اڙدوُ ڪانہ اچي. پناهگيرٻارن ۽ ماسترن جا مٿس گُهٻا هُجنسِ ها. پرَ انهن حالتن جي الائي ڪيتري ساڃاهہ هويم. هوشيار ڇوڪرو لڳندو هومِ. ارمان رهندو هومِ تہ ڪيسِ ڪا اوسَرَ ڪانہ مِلندي. ڪنهن شاعرَ جو ڪلامِ، جو سال ٻہ ٿيا تہ پڙهيو هوُندُمِ، ٿورو ڪجهہ هِنَ ريتَ ياد اچيم...

مون جيڏيون ڪيڏيون اکيون

تِن ۾ لُڙڪَ هزارَ...

ڪراچيءَ ۾ سالُ رهي شِڪارپورَ مائٽن وٽِ موٽي پِجي ويو. الائي جيون ڪيئن گذريو اٿسِ... پاڪستان پنهنجن ٻارن جي تعليم بدران فوجُن تي خرچا ڪري. تنهن ۾ انساني ناتا بہ عجيب. فساد پسندن جي زور ڪري تِتي سياستدان وڏيون فوجون ڊارڻ ۾ ڏهاڪاءُ پڪيريندڙ جهاز ۽ بمَ ناهڻ لاءِ وڏا خرچا ڪرڻ عيب نہ سمجهن جيتوڻڪِ ٻارن لاءِ سِڪوُلَ ڪتبَ تہ ڪتابَ ڇٽِ، ماسترن جون پگهارون ايهڙيون جو سجا...

چنڊ تي ماڻهون لهڻ جي خيال تي سوچ ۾ پئجي پيو. ڪُجي، ڪيئن پيا وجن؟ وڏي ڊاڪڻ ناهي اٿِن؟ مان ڄاڻيو (راڪيٽ) بابت سمجهاڻي ڏيڻ جي ڪئي. وڏي ڄانيوءَ مٿان وڏو وِماڻَ ڏوڏو رکيائوُن جنهن کي ڄانيوءَ ڌڪو ڏيئي مٿي آسمانَ چاڙهي چنڊ ڏانهن ڏوڙايو، وغيرا. ولوُ سوچ ۾ پئجي ويو. ڳالهہ پوري سمجهہ ۾ بہ پي آيسِ. ڀانيان ٿو وري بہ شڪي ناستڪ هيو. وري بہ سوچيائين ڏِسجي، مٿان هوُندو. .

چوٿين ڏينهن ولوُءَ مانکان اچي پُڇيو. ”سائين، اجا تہ چنڊَ تي ڪونہ پُڳا آهن. ڪڏهن پڄندا؟“

ورايُم تہ پڳي بہ ڏينهن ٿين.

پُڇيائين، ”اجا اُتي آهن؟“

ورايُم تہ لٿا، ٿورا ڪلاڪ رهيا ۽ هاڻ موٽن پيا. ..

چيائين، ”نہ سائين! ڪاٿي؟ مان روزُ راتِ چنڊ ڏانهن پيو نِهاريان، مانکي تہ ڏسڻ ۾ ڪونہ آيا آهن. اِها اِئين ئي ڳالهہ هُلائي هوُندن. اڳي بہ ڳوٺ ۾ هُلايو هئائوُن تہ سجَ کي ڪانڊي ڏيندا، وڏي پٽ ٿا ناهين، سدائين اونداءِ ٿي ويندي“.(مٽي ڏنل رڳٿو وِڪي ڪوش مان ڪنيل آهي)




پوئين مهني آمريڪا جي *قومي وِماڻ گيان ۽ اوَڪاش انتظاميه* (”**نيشنل ايروناٽڪس اينڊ سپيس ايڊمنسٽريشن**“) جي ڪوناهيل وِگياني ڳَڏجاڻيءَ لاءِ هوُسٽن شهرَ ويو هومِ. *وِماڻ گيان ۽ اوَڪاش انتظاميه* (جنهن کي ناسا ڪوٺيندا آهن) سال 2020 ۾ چندَ موٽڻ جون تياريون شروع ڪيون آهن.

http://www.nasa.gov/mission_pages/exploration/multimedia/index.html

هِن وارَ پروگرامُ اٺِن ته چنڊ تي وِماڻڪا پانڌي (”ايسترانانَٿ“) ڇهہ مهنا ڪن چنڊ تي رهائجڻِ جيئين ڪنهن ڳاڏيءَ ۾ چڙهي سڄيءَ چنڊ سَپاٽَ تي گهُمن. اِهو ڪمُ ڏکيو آهي جو چنڊ تي ڪي روڊَ ته ناهن، ڪڏوُن، نکرَ، وغيرا ٿين. ڳاڏي ڀڳي ته ڪي مرمت ڪرڻ جا ڪارخانہ ڪونهن. گهرُ ناهڻ جو به مسئلو آهي جو نہ اُتي پاڻي نہ سِران (وِچولي ـ سِروُن) نہ ڪاٺ... ساه کڻڻ لاءِ هوا به ڪانهي، ڌرتي مان هوا کڻي وڃڻي پئي ۽ اِنهي کي ورائي ڪتب آڻڻ جهڙي ڪرڻي پوي.



اهڙا وڏا مقصد سماج لاءِ رسالتَ ٻڻجي وڃن ٿا. تِن کي پڄاڻي ڏيڻ لاءِ ڪيئي ترڪيبوُن اُڪَتَڻِ (ايجاد ڪرڻيون) پون. وِگيانن جون ڪيئي ڳَڏجاڻيوُن ٿِين. پهريان خيال يونيورسٽين مان گهڻو ڪري اچن، جِن تي جوان شاگرد ۽ پروفيسرَ ڪَمُ ڪن. مثال ته چنڊ هلڻي ڳاڏيءَ لاءِ ڇُٺَ هلي پئي. ڪِن اهڙيوُن ڳاڏيون ناهيون آهن جن ۾ ڦيتن سان گڏ پيرَ به هجن جيئين ڪاڻي ڦاسي ته ڏکو ڏيئي ”پيرُ“ ڪڻي گاڏي نکري سگهي. چنڊ تي ڇو ته هوا ڪانهي، گهرُ رٻڙَ جو ناهي سگهبو جنهن کي ڪنهن طوفان جي لوڏي لڳڻ جو ڀَءُ نہ هوُندو. تنهن گهر کي چنڊ تي هوا دٻائيدڙُ ڪلن مان ڦوڪي وڏو ڪري سگهبو. اوهان اِنهيءَ پروگرام بابت ناسا جي مٿين ڪڙيءَ تي پڙهي سگهو ٿا.



هرَ وگياني اُڪَتَ (ايجاد) کان پهرين تنهن جو تصَورُ پيدا ٿيندو آهي. وگيانن کان پهرين نقاش اديب، شاعرَ، رگٽيندڙ، وغيرا اُنهي ڳالهہ جو تصور ڪري چُڪا هوُندا آهن. سماج جي سَپيتا اِنهيءَ ڪري اهڙن ماڻهن جي ڪليل سوچ ۽ خيالي تصَوُرن سان اڳتي وڌي. مٿي بہ سنڌي لفظ ڪتب آندا اٿمِ جيڪي پڙهندڙ اڳي نہ ٻڌا هجن. ڄاڻيو ناهي تہ صديون ٿيون (تنهن جا ڦٽاڪا سنڌين ڏٺا) پرَ وِماڻُ لفظ ڪاٿئون آيو؟ هِن وگياني دور کان گهڻو اڳُ، مادي وماڻي ڏوڏن جي انجنري ۽ وماڻ گيان هجڻ کان اڳ، سنڌي اوَڪاش جو سيرُ ڪندي چنڊ تي خيالي اُڏند ڪٽولين ۽ وماڻي گولن ۾ پُڳا هُئا جنهن جي شاهدي سندن لوڪ آڪاڻيون ڏين ٿيوُن.



اٿڪلَ بہ هفتا ٿيا تہ هِڪَ روشن پُڇڙَ (جنهن کي ڏوم ڪيٽُ ۽ چوٽيدار تارو بہ ڪوٺيندا آهن، جيتوڻڪ اِهو تارو ناهي، ۽ سيارن کان بہ گهڻو ننڍو) جو ڌرتي پاسان لنگهہ ٿيو. (پاسي تنهن جو فوٽوُن ڏسندا جيڪو هيٺين ويب جاءِ تان کنيل آهي (اُتي وڌا فوٽوُن ڏسي سگهو ٿا)

http://www.skyandtelescope.com/community/gallery/skyevents/10796976.html

اُترَ اڌ پون ۾ اِهو روشن پُڇڙُ چِٽو ڏسڻ آيو پي. انهيءَ کي ڏسي، ننڍپڻ جي ياد آيم... شڪارپورَ ۾ ڪَٺُنِ تي ٻاهر سمهندا هاسي: اوُنهاري ۾ ڇتِ تي، سيارو جو هِڪ مهنو ڇڏي، ٻين ۾ اگڻ ۾. تڏهن شهر ۾ آڌي رات خاص بتيون ڪونہ هيون، تنهن ڪري آسمان ۾ تارا چِٽا ڏسڻ ايندا هيا، سي تارن ڀريون راتيون، جڏهن ٿڌي هيرَ اونهاري جي هُبسَ پوري ڪري.. الو ميان! جهڙي ڪمال جوڳي ڏيکَ کان هاڻ روزُ نِراس آهيان.

تارن کي ڏسندي تِن ڏانهن سفر ڪرڻ جو سوچندو هوم. تڏهن پِروڙ ڪانہ هيم تہ هوُسجَ جهڙا ۽ ڪيترائي سج ڪان بہ گهڻا وڏا آهن ۽ اُنهن جي تپش ڪيڏي آهي. جڏهن تارن وچ فاسلن جي ٻيٺ پيمِ، تہ انسان جي جڳ ۾ بي معنائي جو لهاز ٿِيُمِ. پراڻي دور ڪان وٺي پندرهن سوَ ورهيہ اڳُ، سنڌين آسمان ڏانهن نهاري، اهڙيون ماپُن جو اندازو ڪرڻ شروع ڪيو هو ۽ آڪاش نِروار جي وگياني سمجهہ جو گهڻو واڌارو ڪيو، جنهن سان جڳ ۾ اوَڪاش ۾ مُهندسي هٽڻ جي ڍنگن جي ٻيِٺ پئي. ڏِسندا، هوُسٽن واريون ”سِلاڊون“ جيڪي منهنجي اڳين بلاگ ۾ ڏنل هيوُن (پُلنامو - ڪنهن پڙهندر لکيو تہ انگريزيءَ ۾ رُوهِڙي بدران روڙهي لکيو اَٿمِ).

http://shikarpuri.files.wordpress.com/2007/01/gmsyed-pub-2007.pdf

نہ تہ ڪيترن ئي پُراڻن سماجن ۾ اِها بہ خبر ڪانہ هئي تہ چنڊ ڌرتي جو ننڍو سيارو پاسي ۾ آهي. چنڊ ۽ سج جي سيارن کي ست جنتون سمجهندا هيا!